


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي ناول

# ڪنوار

مارگريٽ ارون

سنڌيڪار:

نور محمد عباسي

اداره شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ.

پوسٽ باڪس: ١٣٠

سال ١٩٨٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون

١٥ نومبر ١٩٨٤ع مطابق ٢٠ صفر المظفر ١٤٠٥ هه

ملهه ٣٠-٠٠ روپيا

ٽائيٽل ڊزائين — ساجد قريشي

ٽائيٽل ڪيليگرافي — فتاح هاليپوٽو

---

ڪتاب ڪلوار تاريخي ناول سنڌيڪار: نور محمد عباسي
بٽر پيپر تي ڪمپوزنگ انڊس پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ
ڇپائي نفيس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، پبلشر اداره شهباز
پبليڪيشنس حيدرآباد، سنڌ. پوسٽ باڪس: ١٣٠ مان
پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوار

عشق ۽ محبت جي سنئاج سان ڀرپور ......... جنگين
دوبدو مقابلن سازشن ۽ دغا بازين جي دل ڏڪائيندڙ واقعن سان
ڀرپور انگلستان جي تاريخ جي هڪ سياهه باب جي بنيادن تي
ٻڌل داستان.

* * * * * * * * * * * * * * * * * * * *

سچي محبت ڪڏهن نه ٿي مري، حالتن ۽ بدقسمتيءَ
جا ڪارا ڪڪر ان کي ختم ڪري نه ٿا سگهن. ٻن دلين
جو حقيقي ميل هڪ دفعو ٿيو، ته قيامت تائين قائم رهندو.

مارگريٽ ارون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

زير نظر ڪتاب ڪنوار، هڪ انگريزي تاريخي ناول The Bride جو ترجمو آهي، جنهنجا واقعا سترهين صدي عيسويءَ جي انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جي تاريخ جي هڪ اهڙي خوني باب سان واسطو رکن ٿا، جنهن انهيءَ صديءَ جي يورپي دارلحڪومتن ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيو ۽ وقت جي بادشاهن به پاڻ کي محفوظ نه ٿي سمجهيو. شاهه چارلس پهرئين جي، سندس پارليامينٽ سان زبردست ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ انگلنڊ ۾ هڪ اهڙو واقعو رونما ٿيو، جنهن جهڙو ٻيو واقعو انهيءَ سر زمين ۾ وري ڪڏهن به رونما نه ٿيو آهي. پارليامينٽ انهيءَ وقت جي جنرل ڪرامويل جي مدد سان شاهه چارلس کي جنگ ۾ شڪست ڏني ۽ هن پنهنجو پهر لڪائڻ لاءِ اسڪاٽلنڊ جي ڊيوڪ آف آرگائيل وٽ وڃي پناهه ورتي. پر بدقسمتيءَ سان انهيءَ ئي ڊيوڪ آف آرگائيل به هن سان غداري ڪري کيس ڪرامويل جي هٿ وڪڻي ڇڏيو. پارليامينٽ ۾ شاهه چارلس پهرئين هن تي مقدمو هلائي کيس ملڪ ۽ رعايا سان غداري جي ڏوهه ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي، ۽ هن جو سر لنڊن جي مرڪزي چونڪ تي قلم ڪيو ويو!

چارلس جو سر قلم ڇا ٿيو! سڄي يورپ جي شاهي درٻارن مان آهه نڪري ويئي، ڇو ڪوئي ڇا ٿي ڪري سگهيو!

(اداره)

طولانن ۾ هنن سان زندگي گذاري هئي، جنهن سان هو ورهين کان وٺي مانوس هو. اڄ، اهوئي مونٽروس، قسمت جي عجيب ستم ظريفيءَ سان، ڀاڙي ويرانين ۾ اڪيلو موت سان دوچار بيٺو هو. ڀاڙيون ۽ سندس وطن عزيز اسڪاٽلنڊ جون! پر اهي ڀاڙيون اڄ هن کي بيگانيون ۽ ڌاريون ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون، جيڪر هن تي طنز آفرين نموني ۾ نوڪ زني ڪري سندس ماٺ کوٽڻ لاءِ هن جي چوڌاري سوڙهيون ٿينديون نظر اچي رهيون هيون.

هي اهوئي مارڪئس آف مونٽروس هو، جنهن جي آواز ٻڌڻ سان هزارين بانڪا بهادر لبيڪ چئي سندس جهنڊي هيٺان اچي گڏ ٿيندا هئا، ۽ جاهي هو ڪين جنهن جي تحت‌السريٰ ڏانهن هلڻ جو اشارو ڪندو هو تڏهن به اهي وڏي شوق سان ڪڏندا هنجي پويان هلڻ لاءِ ڪمرڪشي بيهندا هئا. پر اڄ هو اڪيلو هو - هنجي قسمت ۾ ڇا هو، سندس مقدر هن کي هاڻي ڪهڙي رخ ۾ وٺي وڃي رهيو هو، سو خود کيس به معلوم ڪونه هو.

هن خاموشيءَ سان اکيون کڻي چئني پاسن کان ڦهليل ويرانين کي غور سان ڏٺو. اوچن جبلن جي خاموشي هن کي چئني پاسن کان سوڙهو گهٽي رهي هئي. چوڌاري خاموشيءَ جو اڪيلو راڄ هو. ڪنهن جاندار جو آواز سندن ڪن تي نه ٿي پهتو. فقط فقط هنجي قدمن سان گپ چڪ ۾ ڦاسڻ تي ڇپڪ ڇپڪ جو آواز نڪري رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڀاڙي پکيءَ جو ڪرخت ۽ ٻرن جهڙو سخت ۽ خشڪ آواز اچي هنجي ڪنن جي پڙدن سان ٽڪرائجي رهيو هو.

مونٽروس جي دل ۾ هاڻي هڪ ئي آرزو گهر ڪرڻ لڳي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح، ڪنهن پاسيري جاءِ تي ليٽي پوان ۽ خوب ننڊ ڪريان. ٿڪاوٽ ته هئي، ويتر جو بدن رت ۽ همت غذا کان خالي ٿي پيو هو. تنهن ڪري سندس سڄو بدن آڪڙائي ۽ ٿڪائي چڪو هو، بدن جو هڪ هڪ سنڌ ۽ هڪ هڪ هڏ ٿڪ کان چڪنا چور ٿي رهيو هو. پر مونٽروس کي خوب معلوم هو ته هڪ دفعو هو زمين تي ڪري سمهو ناهي، ته وري ڪڏهن اٿي نه سگهندو. زندگي جو سلسلو اتي ئي ختم ٿي ويندو ۽ هنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي ڀائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)